اوم

اکل ڀرت سنڌي آريہ سڀا جو مکيہ پتر

آريہ وير

ماهوار

(شاهہ لطيف جو هندو کاويہ)

سمپادڪ: هريلال گرداسمل

ساليانو چندو ڀارت ۾ ۲۰-۰۰ وديش ۾ ۸۰-۰۰

لائيف ميمبر في رپيہ ۲۵۰، وديش ۾ ۱۰۰۰ ر

في ڪاپي رپيہ ۴-۰۰

فيبروري ۱۹۹۸ع] [سال ۲۰ انڪ ۱

ڪارياليہ : فون : 2815216

آريہ سماج سهجپور بوگها،

مهرشي ديانند مارگ، سهجپور بوگها،

ڪرڏاوتي - 382 345

شاهه عبداللطيف جو هندو ڪلام!

(جولاءِ ١٩٩٥ع ۾ ڇپيل مهيني ڪتاب
سنڌ ساگر - ايڊيٽ سنگرهه تان ڪٽيل)

- گنگارام "سمراٽ"

● رام رهين ۾ روح - ٻيو ٻولين ڪي ٻيو،
سدائين سُکَ ۾ - مٺا اهين مون،
سامهون صبوح - سارئان گهڻو سيد چئي

● هر هر ڪن هرنام - تن ڏهاڙي ٿو ڏيا
جن نه رانجهاڻو رام - آفت نه آهي ان کي.

(سر رامڪلي، داستان ٦، بيت ٣ ۽ ٩)

شاهه جو رسالو نه مسلمانن جو آهي نه ئي هندن جو، فقط سنڌين جو آهي. ان قومي دستاويز ۾ ڪنهن به قسم جي دخل اندازي، گهٽ - وڌائي هڪ هٿ - چراند آهي، هڪ گناهه آهي. مگر بدقسمتيءَ کان شاهه صاحب جو سمورو ڪلام هڪ هنڌ مرتب ڪيل ڪونهي، سو ٻال سنوارل ڪونهي ۽ نه ئي سنڌس جيوني (حالات زندگي)، جنهن تي اعتبار ڪيو وڃي.

انڪري اول اچو ته شاهه عبداللطيف جي جيوني

صاحب کان اڳ، ڪو اهڙو شاعر خواه نيڪ مرد ٿيو
ئي ڪونه، ان وقت نه ڪونه. هو ۽ هن ڪائنات ۾ ڪو
ٿيندو به ڪونه. "حقيقتون" وڏي اهي جن جو
ڪٿي به انڪار ڪونهي. البتا سوال کڙا ڪري
البتا ئي جواب (سي به خيالي) وٺي ڏنا اٿس. حقيقت
۾ سچي ابت بارسٽي اها آهي جو ڪنهن به هڪ
شخص کي اهڙو ڪٿي مٿي ڪڍجي جو ٻيو انهن لاءِ
زمين به ڪسڪي وڃي. فصل ٢ ۾ شاه جي صورت
۽ سيرت تي لکيو اٿس. جڏهين شاه جي ڪا تصوير
وجود ۾ ئي ڪانهي، سندس زندگيءَ جو احوال
بابت جهڙو آهي ڪونه، ته پوءِ هيءَ صورت ۽ سيرت
نگاري ڪهڙي آڌار تي؟ سڪ، ته به انهن صفحن ۾
جيڪي ڳولڪ لکيو ملي سگهيو آهن جو سار ڏيان ٿو:
"شاه عبداللطيف سيد خاندان مان هو. سندس
ڏاڏو جو نالو شاه حبيب هو. اصل هرات ۾ رهندا
هئا (جنهن جي به ڪا سند ڪانهي). شاه صاحب
سيد عبدالقدوس جو ڏوهٽو ۽ جمال شاه جو ڀاڻيجو
هو جيڪو شاه عبدالڪريم جو ڏيهٽو هو.
سندس جنم هالا تعلقي ۾ هالا حويليءَ ۾ ٿيو جيڪو
موجوده ڀٽ کان اٽڪل ٩ ڪوه پري هو. ١٦٨٩-
١٦٩٠ع ڌاري ڄائو (ڪن جي چوڻ موجب ١٧٤٧ع
۽ ڪن موجب ١٧٥٢ع ۾ وفات ڪيائين). ڪجهه ٿي

(حالات زندگي) ڏسون. اهو ته شري هوتچند
گربخشاڻي جي مقدمه (پومڪا) مان ٿو ڏيان جنهن
جو نئون ڇاپو پٽ شاه طرفان ڇپايل آهي. اصلي
ڇاپو هن وقت مون وٽ موجود ڪونهي. گربخشاڻي
صاحب شروع ۾ ئي شڪايت ٿو ڪري ته "سندس
(شاه جي) حياتيءَ جو ڪو دل گهريو ۽ پورو سچو
جهڙو احوال ڪٿان ملي نٿو سگهي" (باقي ڪلام
ملي سگهيو ٿي!). پر مان ته سندس لکيل جيوني
جيڪا باب فصل پهرئين ۾ صفحه ۴ کان ۲۲ تائين
ڇاپيل لکي آئس سا ته سڄي جي سڄي غير معتبر ۽
اڻ پوري سمجهان. ائين نه فصل پيون ته ان کان
ته ڇت ۽ غلط آهي ته ٻيو ان مطلب آهي، الائي
ڇا آهي. (ائين نه سڄو مقدمو ائين ئي آهي). ڇاڪاڻ
ته سڄي جو سڄو من گهڙت آهي جنهن ۾ ڪا به
صداقت ناهي ڇاڪاڻ ته اهو سڀ شري گربخشاڻي
جي پنهنجي اپاچ آهي. شاه لطيف جي سوانح ۾
خواه مخواه اپترو ۽ اهڙو اڻ لطف لکيو ويو آهي
جو اڄ جو ذهين پڙهندڙ اُن ۾ ڇا ڪجهه ئي صفحن
پڙهڻ بعد ٿڪيٽ رڌ ڪرائي ڪنهن وچ واري اسٽيشن
تي لهي پوندو. ڪا منزل ته ڪنهن کي همت اچڻي
ڪانهي. ڇا وٽهي شاه صاحب جي وڏائي - سوانح
۾ واريءَ جون ڀتيون کڙيون ڪيون اٿس، جن ته شاه

جوان جي اندر جي آرزو جي ڄاڻ ملي. هرداس ڀائي کيس پنهنجو شش ڀٽائي ٽوليءَ ۾ شامل ڪري ڇڏيو. انيڪ ٺڪاڻن - ٺڪاڻن مان ٿي هن بلوچستان ۾ هنگلاج جي ياترا ڪئي، (عبداللطيف ساڻس گڏ هو). ڪڇ مڪران ۽ لس ٻيلي مان به ٿي آيا ۽ نگر ٺٽي مان ٿي لاڙ جي ڪيترن ڳوٺن ۾ ڦرندا هو ڪڇ ۾ پهتو. ان بعد لکپت ۽ ناراڻ سر ٿي ڪوٽيسر آيو هو. ان طرح "ناني ني ناراڻ جو ٿي سانڍيو ساميءَ". ناني - يعني هنگلاج کان ناراڻ جي اها لمبي ياترا دوران ڀائي هرداس هن جوان هندو ٻائي (لطيف کي ان ناني سان به سڏيو ويندو هو) کي راڳ مان چڱو واقف ڪري ڇڏيو، اصل کيس راڳ جي پوري رنگ ۾ رڱي ڇڏيو.

"ڪڇ ۾ انو قسم راڳ ۽ راڳين (راڳيندڙن) جو ڏاڍو زور هو. راڳ ڪڇي لوڪ ڳائڪيءَ جو هڪ خاص طريقو آهي ان جي مڌرتا هردي کي ڇهندي آهي. اهڙو راڳ ڳائيندڙن ۾ اهو راڳي پنهنجي وقت ۾ ڀائو هرداس سرمور هو ۽ اهڙي گروهه وٽان پهرين جوان هندو کي راڳ جي سوغات ملي هئي. ڌيان ڏهي ان ٿي لطيف جو نالو ان جوڳين جي ٽوليءَ ۾ هندو جوڳي هو.

"ان مٿين ياترا ۾ هن دکياري دنيا ۽ دنيا جي

۽ احمدآباد ۾ اهو ڪجهه پاتو جنهن جو هو متلاشي هو، ساڳيءَ طرح شاهه لطيف به ڪنهن سچائي جي تلاش ۾، جا کيس هٿ ملڻ واري ڪانه هئي، ڏکڻ طرف رخ ڪيو ۽ ڪڇ طرف رخ ڪيو هجي.

ڪڇ جي اتهاس جو ڄاڻو شري رامسنگهه راٺوڙ، شاهه صاحب جي زندگي جي انهن ڏينهن جو احوال ڏنو آهي. شري رامسنگهه هڪ بزرگ ساهتڪار آهي، سندس گهر خود ڪڇ جي هڪ ميوزم آهي. منهنجي ساڻس ملاقات ڀڄ ۾ ٿي هئي. سندس کوج موجب:

”ڪڇ ۾ ماتا جي مڙهه (مڙهيءَ) مان باوو هريداس جوڳين جي هڪ ٽولي وٺي هنگلاج يٽڻ نڪتو. سنڌ ۾ حيدرآباد وٽهو گذري ٺڪر ڳوٺ ۾ مهامايا جي مڙهيءَ ۾ هو ٽوٽي دکائي رکيو هو. (ان ئي وقت لطيف ٺراس ئي ڪجهه سوچي رهيو هو ته هن جوڳيءَ جي ساک ٻڌي اتي هليو آيو). (هڪ) رات جو هريداس ڀڳتيءَ ۾ مست ٿي راڳ ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ان ئي وقت ساڻس گڏ مڃي - الاهي سر سان ڪنهن سندس اند ٻارو ڳڻ شروع ڪيو. ٻاٽي کي اهو سهاوٺو (وڻندڙ) لڳو. سماڌان ئي و ٻاوءَ راڳ ٻارو ٿيو ته ٻاٽي ان اڻ سچائل اند ٻارو ڪندڙ جي ان (لطيف) کان سچاڻپ ٻڇي. جواب ۾ کيس مڙي

۽ ٺهڪندڙ سندس شاعري کي سندس فقير اوت
ڪندا ويندا هئا. ارمان سان اُتارل شاهه جي سُرن
جو اهڙو رسالو جڏهين انهن فقيرن سندس رو اوو
روشن ڪيو ته اهڙڪار جو ڪنهن ڪرڻ (ماوڻ) لاءِ
ئي غرض ياو ۽ شائقيءَ سان ڪيتر پيا ۽ اوڙهي
چڙهيو. فقير ان ڪري ڏايو تراس آيو وڃا. تيئن
سندن اها ارشاني دور ڪرڻ لاءِ شاهه ڪين هٿڪري
هڪ ششياڻي (مريد) ليامص پاڻي وٽ وڃڻ لاءِ
چيو. سمرڻي (يادگيري) خاطر شاهه جا سڀ ابيات
ليامص پاڻي کي اوزبان هوا. انهڌجو مدهن پاڪ ڪراڻي
لکي وٺڻ لاءِ شاهه جي فقيرن کي چيو. ان
ريت ليامص کي ڪنٽسٽ (اوزبان) شاهه جي سُرن
جو جهڪو ڪتاب لکايو ان جو نالو گنج رسالو
سڏجڻ ۾ آيو. شاهه جي خاص ڪري فقير اُمر وٽ
اهو رکڻ ۾ آيو ۽ اڄ اهو وسيع روپ ۾ اُمر جي
وارثن وٽ موجود آهي.

دنيا جا گهڻا دک-ڪشالا سهي پوئين ڏينهن ۾
شاهه راڳ سهڻي ڳائيندو رهندو هو ۽ ايڪانت ۾
رهندو هو. هڪ دفعي وڃڻ ڏينهن تائين هو مُڙهيءَ
۾ اڪيلو ئي ويٺو رهيو. ان بعد ٻاهر آيو ۽ سنان
(جهڪو هندو سنتن جو رواڄ نيم هو) ڪيائين ۽
چادر پائي سمهي پيو. ٽي ڏينهن سانده ڪاٿو ۾

دلداريءَ جو اپاءُ ڪيو. پريتما (معشوق) کي پاڻ
جي سپاري رهي. ته ٻڪڙي لطيف ان ورهين ڏاڍين
انهن هندو جوڳين جو سهواس (سنگ) ڪيو ۽ گڏ
رهيو. ڪڇ ۾ انهن سمي سنت مهڪ جي مهما
(وڏائي) زور هئي. "دپشرا پرميشرا" نالي واکاڻل
راول ڏيشل جي راڄ ۾ راڳي لکمت جيءَ جو جنم ٿي
چڪو هو. سنگيت ۽ ساهتيه جي پرچار ڪڇ ۾ پوري
جوڀن تي هئي. پاپا (پاڻو) هرپداس (ڪاپڙي) طرفان
۽ ڪڇ مان ڪيس (لطيف کي) راڳ جي پرپرٽا ۽ لوڪن
جي اندر جي سڄاڻپ ملي. ڪونئر ۾ اڌياتمڪ
(روحاني) طور ڪيس پريتما (محبوبا) جي حاصلات
جو اندر ۾ احساس ٿيو. ۽ هاڻ ڪنهن به طرح جي
خواهش پوري ٿيڻ ابدا هو گهر طرف موٽيو.

"لطيف جي موٽڻ جي ٿورن ڏينهن ڌاران
ڪونڙيءَ تي حملو ڪري ڦرلٽ ڪئي، مقابلي ۾
مغل ايگ مارجي ويو. ان بعد گهر جي عورتن ان
کي سيدن جي رنجش سمجهي پاڻ جي ليڪائي
سعيدان لطيف کي پرڻائي ڏيڻ جي آڇ ڪئي. مگر
لطيف هاڻ گهڻو مٿي چڙهي چڪو هو، ته به هن ها
ڪئي. ان ڪري شاهه جي جيون ۾ هاڻ رس (مٺاس)
اچڻ لڳو. هاڻ سندس عشق روحاني طرح اڳتي
وڌي ويو هو ۽ سنت جي درجي تي پهچي چڪو

هو، ۽ هن ها ڪئي. ان ڪري شاهه جي جيون
۾ هاڻ وس (متاس) اچڻ لڳو. هاڻ سنڌس عشق
روحاني طرح اڳتي وڌي ويو هو ۽ سنڌ جي درجي
تي پهچي چڪو هو. سنڌس سرتي واڱي جي مرڪز
واري لوڪن کي گهائڻ لڳي هئي:

”ساري رات سڀان کي جاڳي جدي ياد ڪيو
الهي عبداللطيف چئي، مدجهه تي لٽو مان
لوڪن کان سلام، اڳيان اچيو ان جي“.

پٽ ۾ سنڌس الاهي مطلوب جمع لڳيون. اتي
(मतल) ۽ چنڊڪل ڏالي ۽ هندو واڻي سنڌس جا
سدا ساٿي رهيا (جي سنڌس گرو ڀائي هئا). ملال
عدايت، تمر، هاشم، ڪملان (ڀائي) وغيره. سنڌس
چاهڪ هر جمعي رات پٽ تي سر (راڳ) جي محفل
ڪرڻ لڳا هئا. آسپاس ٻاري ٻاڏين شاهه لطيف
جي ساک ڦهلجي رهي هئي. ٻر سنڌ جي ڪيترن
فقيرن ۽ سيدن کان اها ساک سٺي نه ويئي. ڪيس
بدنام ڪرڻ لاءِ هنن سنڌس خلاف شڪايت ۽
ڪٿ پٽ شروع ڪئي (چاڪاڻ ته هو هندو سنڌن جون
ڀاڳون ٻوليندو هو). سنڌ جي حاڪم اور مدد
ڪلهوڙي سنڌس خاتمو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.
ڪملان (ڀائي) تي شاهه جي مدد ٻا هئڻ جو الزام
هيو ۽ ۽ شاهه لطيف ٻڌن جي (سنڌس) پٽ ڏان ڪولا

شيخين (مرشدن) سر سان سانده ڏن (ڏهڙو) چاهو
رکي مستيءَ ۾ اچي ڳائيندا هئا. آخر ۾ جڏهن
انڪيا ته ڏٺائون ته شاهه جو خالي سرير سڪل هو،
ٻاهتما روح ٻي سنڌس آتما، سنڌس ٻاهتم (پرماتما)
سان ملي ويئي.

”هجري ١١٦٥ صفر مهيني جي ١٤ تاريخ
(١٧٥٢ع) تي هن صوفي سائين شاهه عبداللطيف
ڀٽائي هن دنيا مان ڇوٽڪارو پاتو. سنڌس وسالي
ذريعي سنڌس سنڌ جيون جي سگهڻ سدا ٻهار
اچي رهي آهي. سنڌس سر جو ”ڀٽ ڀٽائيءَ جو
وسالو ڪچي لوڪ تواريخ ۾ ڪچي راڳ جو ”سلطاني
سماڳ“ خاطر لوڪ هردي ۾ جهٽڪو ڏيندو؟ ٻڪ-
ٻڪ تي ڪچريءَ جي ڌرتيءَ ۾ ڌڪڪي لي، ڪچ
جي عام جي جيون جي روح ۾ جڳ ته اچا جيڻو
آهي.“ [101.513]

هن مضمون تي اوت لکندي شري گدانرا ٻئي
هنڌ لکيو هو ته ”شاهه لطيف کي ڪهڙو ڪرو مقرر
مليو هو؟ اهو ”اوم“ ليکو ڪهڙو جي. جا ڳالهه شري
گردپال ملڪ شاهه لطيف جي ٻاري ۾ لکي هئي.
شري رامسنگهه راٺوڙ جهڙي طرح ڪجراتي (آگسٽ
١٩٧٩ع) ۾ لکيو تهڙي طرح سنڌ گردپال ملڪ
انگريزي ۾ سنڌ لطيف کي دلچسپ انصاف ڏنو

آهي "رڻ پٽ جا ديوانا رهواسي".(1)
(DIVINE DWELLERS IN THE DESERT, P.40-50)

البت شاه لطيف "ڇوڪريءَ جي پيار ۾ ڦاٿو" جو ارٿ "ڪريو" ڪيو وڃي ٿو، پر مغل بيگ جي ڌيءَ سان لطيف جي شاديءَ کي شري گرديال "اُٿي" (مٿي چڙهڻ) چوي ٿو "He rose, not fell in Love".

"هڪ انگريز سنت لطيف کان سندس عمر پڇي ۽ پاڻ چپ رهيو. ٿورو ترسي چيو: منهنجي عمر ٿو (٩) مهينا آهي، جڏهين کان مون کي "ديوانا درشن" (هندو سنتن - جوڳين جو سنگ) ٿيو، انهين کان منهنجو جنم ٿيو. ۽ ڪ ماءُ جي پيٽان پاڻ آيس، انهين کان!" [101/519]

لوهاڻن هي سڄو شڪل ايا وڏاءُ - پڙاءُ ۽ گمراهي جي شاهه صاحب جو جيون پڙهيو، هاڻ شري گربخشاڻي جي رسالي جو مقدمو ۽ پڙهو. اها جدا ڳالهه آهي ته اوهين پڙهندا ٿا ان طرح سمجهي سگهندا ٿي ڪونه، ڇاڪاڻ ته اوهان جي چشمي جو اصل موجود ڪونهي، گهٽ ۾ گهٽ مون کي ته گهڙيا اچي وڃي ٿوڙي گمراه لکيت ٿي. جنهن جو ۽ امداد ته اهو، سب خيالي، سو ۽ سڄو سارو ١١٥ صفحن ۾. چاهي ڪٿي ته ڳالهيون ٺيڪ ۽ آهن، پر سراسري ته سچ آهي (مقدمہ لطيفي،

اڏيو. نور محمد ٻاريءَ جهڙي ڪلهوڙن کي سيڪت
جي ڀاڃي ٻاڪ وٽ گهرايو، پر سندس نُور ۽ نيڪي
ڏسي اچرج ۾ پئجي ويو. آخر ۾ هن ڪلهوڙن سان
اسلامي شادي ڪئي جنهن مان ڪيس غلام شاهه
(شاهه جو غلام) ڪلهوڙو ڄائو جيڪو ڪڇ تي ڪاهه
جو ڪارڻ بڻيو. (انهيءَ بعد ۾ هندو مان مسلمان ٿي
ويو.)

"شاهه لطيف ڪيشر (कीशर) يي وٽ، پٽ ٻڌي
اچي ڏاڍو ڪيو. جنهن جي چيلن (مريدن) ۽ سائين
سميت اچي دائمي رهائش ڪئي. پٽ تي شاهه
لطيف ٻاڪل سادگيءَ سان، ايڪر فقيري جيون
گهاريندو هو. "سائين هؤلا" ڏالي سندس مشهوري
وڏيڪ ۽ وڏيڪ ڦهلجندي پئي وئي. راڄ جو سر
سندس ساهه (ٻراڪ) ۽ آتما پڻجي وئي هو. آئو چڙي
هو دل کي آرام ڏيندڙ صفا دل شاعري ڪندو هو.
ٻنهجي فقيرن (سائين = گرو ٻائين) سان ڪيس پيار
هو، تن ۾ هندو سمت هڪ ن پڳت سان ڏ. ڪيس
عزيز دوستي هئي. درويش، عابد، ليڪ، مخدوم
(مخدوم) ۽ ٻالڪ ميل، شاهه کي پيارا هئا.
دين- ڌرم جي ڀيد ڀاو هو هرهڪ جي دل ۾ اڙو
ٻسندو هو (جيئن هندو سمت سڀ ۾ ٻاشو ٻسندا
هئا)، روح کي ڏنوليندو هو. دل جي درد ٻاري آواز

۽ چڱو ڪجهه مليو. البت جيڪي کيس گهڻو گهرائ
هو اهو ڪو نه مليو ۽ ملڻ وارو ئي ڪو نه. هو چوي ته اها
آخري منزل ڪانه هئي. شاهه صاحب انهن جي ڪلام
۾ ڪونيشو (ڪونيسر-ڪيچ) جو چڱو ذڪر ڪيو آهي.
سچا سارا ئي سال هو هندو جوڳين، ڪاپڙين،
سنياسين، جي صحبت ۾ رهيو جن کيس هندو ڀڳتيءَ
۾ رڱي ڇڏيو. ڪوري ٻٽيءَ ئي قدرت جو ڪافي
سبق سکي ته ٻاراڪري ويو ۽ ان وقت سندس
حالت اها هئي جو جڏهن کيس ٻهڄي محبوبا
ملي رهي هئي ته هو ٻهڄي روحاني محبوبا جـــي
چڪر ۾ جهومي رهيو هو. خوش قسمتيءَ سان
سندس اهي نه نيڪ سيرت ۽ نيڪ صورت هئي
جهڙن سندن جيون جي ڪهڻ ۽ گهڙيءَ ۾ ڪا
وانڪ ڪانه اچڻ ڏني. هن دايو ڪري هڪ مڙهيءَ
جو بنياد وڌو جهڙن ۾ سندس ساٿي (گرو ڀائي)
هندو ۽ ساڌس گڏ هئا. صوفي-صوف جو ته ڪو
سوال ڪونه هو. سندس ڪلام ان هندو سمت-
سماگم ۾ ئي وڃي نظر ايندو ته ڪ اسلامي يا صوفيانو.
جهڙن جي اعلم ئي کيس ماهل ڪانه هئي لڏهن سان
سندس واسطو ئي ڪهڙو؟ ها، بعد ۾ سندس ڪن
مسلمان مريدن ان ۾ ڦيرگهير، ڪاٽ ڪوٽ ڪري
ان کي ڪٿي-ڪٿي اسلامي صورو ڏيڻ ڇڏيو. ته

سڌارڻ چاهيو ١٩٣٦). فقط مسلمانن کي خوش ڪرڻ لاءِ پاڻ کي سرخرو ڏيکارڻ ڪانسواءِ انهن کي خاص ڪجهه ملڻ ڪونه هوندو. شايد سنڌ لاءِ وقت جي مجبوري هئي. مسلمانن جو زور ۽ سنڌ تعليم جي ڪمزوري.

شاهه عبداللطيف کي واهن و رهڻ لائين ڪافي تعليم ڪانه ملي. وڏن جي ورثي مان کيس جيڪي ملڻو هوندو سو ئي سنڌ روحاني اسات ٻڌڻ واري ڪانه هئي. ڇو ته روحاني ۽ سچائيءَ جي تعليم انهن هٿان ته ملندي ڪانه آهي. خاص ڪري شاهه جهڙي گهروه لاءِ! اس، قدرت پنهنجو ڪم ڪيو. مغل ابگ جي ذيءَ جو عشق سنڌ جيون جو هڪ اهم واقعو (Stage) اسٽيج بڻيو، عشق ۾ ناڪام ٿيڻ تي هو اداس ۽ وياڪل ٿيڻ لڳو هو اداس ۽ وياڪل (پريشان) ٿيو. سنڌ جيون جي ان لنبي عرصي درميان جيڪي معلوم ٿئي ٿو، جهڙي طرح ته، ان مان اهو ظاهر آهي ته مذهبي قدرتي منظر ضرور موجود هئي. کيس پيو ڪجهه. ڪهڙو هو جيڪو کيس ڪوئڙيءَ ۾ ته ٻار ٻار ڪوئيٺور (ڪوئيسر) جان ٿي ملڻو هو. هن ان ناميديءَ ۾ ڏهر جو ليائڻ. ڪيو جو قدرت کيس سڌي راهه ان طرف ڪيڏي ڏاڍي جتان کيس سڀ ته ته. تمام گهڻو ا ته،

سڀ شيون ڪرافشاٽي کي ڇاڪاڻ هئي ته اُن
سنڌس اهو ڪم هو.

مان هتي فقط ٻه مثال ڏيان ٿو جن ۾ انهن مطلب،
يا موقعي الهن کي اسلامي ڪيو ويو آهي. سر
وائڪلي داستان ٿورون ايمت ٣٠ هن طرح آهي:

ڳانگا ڳالهه هليا، هنگلاجان هلي
دٻکي لن دوارڪا، مهيسن ملهي

هن ان لڪن ۾ ڳالگا (هندو)، هنگلاجان ۽ هندو
وڏندا، دوارڪا ۽ هندو ڏسندا ۽ مهيس ۽ هندو
يعني شو ڀڳوان جا ٻه جاري. ته ٻوء هن ٿين سٽ ۾
”علي“ ڳالهه جو ڪهڙو واسطو، جيئن اڳاڙيو ويو
آهي؟ يعني مٿين ٻ لڪون ۽ وري ٻڌو؛ هي
ٿين ته ٻڌو:

”اڳهه جن علي، آئون نه جيئندي ان ري“ (صفحو ٣٩٨)

هتي ته ’علي‘ ٺهڪي ٿو ۽ اُن معني سان ميل
ٿو کائي. ٻر مسلمان مرادن کي جتي موقعو مليو آهي،
اُهي ته اُهي، مذهب اسلام کي.

هي ٻيو مثال ڏسو. هي ارتش ميوزم واري
ڇاپي جو ايمت شمار ٦٢٥ آهي:

”ڳنگا ٻهتي گومتي ٻوڄ، ٻوڙب ڏاه
ڪاسي (ڪاشي) ۽ ڪروس جي، رمي ٻيچ راه
ڳالهي ۽ ٻاراڻ (ڳالهاڻ) سر سالڪ مڃهن ساه

ته ڪيس جيڪي مليو سو اهو ئي هو جيڪو سندس ڪلام مان اڪي رهيو آهي. بناوت ۽ لهجو ته ڪڇ-سوراشٽر جي هندو ڪاون (شاعري) جهڙا آهن. ٿي سگهي ٿو ته ان لهجي جو ڦهلاءُ ڪاٺس اڳ راجستان مان ٿيو سنڌ ۾ ڦهلجي چڪو هو جڏهن اتان جا راجپوت هندو لڏي سنڌ ۾ آيا ۽ پوءِ مسلمان ٿي ويا جيئن ڪوٽڙيءَ جا ملڪ. [27/237]

وري ٻه چوان، ته اِئين ضرور آهي ته شاهه صاحب جيڪي ٻه چيو سو جيئن جو تيئن ٿا لکي - پڙهي تيئن هو. بعد ۾ جتي ٻه هن سڏو سنڌون هندو سنڌين جا (ڪافرانا) نقطا ڇپيا ٿن ڪي بعد جي مسلمان فقيرن قران جون سٽون جوڙي انهن اصلوڪن جملن کي اتان ڪڍي حج ئي موڪلي ڇڏيو. ته ته ظاهر هو ته ”ڪچان ٿا ڪافر“ جو وجود ئي ڪونه اٿي ها. ڪلام سڀ ٻاهٽ ڇپيا اُنس ٻا ساڳا آهل هندو سائين (ڪريائين) جو ٻه ان ۾ شامل آهي، جيڪو ٻاهٽ حالتن موجب درست ڪيو اُس ۽ ڪيترو اهو آهي جيڪو ٻاهران ٻن ڇاپن ۾ موجود آهي ٻو گرنٿاڻي صاحب رد ڪري لبوت ٻاٻرا ئي موڪلي ڇڏيو آهي. اِئين ته هجي ها ته راجستاني، ڪبير، سورداس ۽ ٻين هندو سنتن جون وانيون، ٻهنجي ئي سنڌي ٻوليءَ ۾ رسالي ۾ ڪيئن داخل ٿي ويون؟ قبول ڪجو ته اها

خاص ڪري آتن جي نڪرن وارا ٻمعه ۽ اڳ ٻڳ سڀ
نقلي يا ملاوٽي آهن.

همه لکيل اسخاص، تن ۾ حرڪت - ملاوٽ ممڪن
جا اصل لازمي آهي ۽ اهو اڪثر دنيا جي هر ڪتاب
جاهي اهو قومي - مذهبي هجي، اها ويڌن ئي آهي.
مگر هاڻ جڏهن پريس جي ايجاد ٿي، اهي ڪتاب
جهڙن ۽ جهڙي طرح پريس ۾ ڇپيا آهن تيئن ئي
هلندا اا رهن. ۽ ۽ انهن ۾ ڇپڪي حرڪتون ۽
ملاوٽون ٿي ڇڪون سي هڪدم پڌرو آهن. مگر
اڄ زمانو فقط هجڻ جو آهي ۽ ڪ سمجهڻ جو،
انڪري سڀ هلي ٿو.

مان سمجهان ٿو، هن باري ۾ شري ديوڏيه
ڪندارام شرما ڏاڍي سٺي محنت ڪري **سنڌو**
وساري ۾ ليک لکيا هئا، جو هندواسي ۾ ڇپيا بعد
۾ ڪتابي صورت ۾ به "شاهه تي ڪبير جو اثر" نالي
سان. سنڌ جي مسلمانن کي گهرجي ته اهن اي - علم
عالمن جا ڪتاب الي وري ٻه ڇپائي هن ڪتاب جو
جائو ڇپائن ته ڪين گهڻي روشني ملندي ۽ ٿڪمڪاس
ڪرڻ لاءِ راهه. کلي پوندي، خبر پوندي ته سچائي
ڪٿي ٿي پائڙا پاتي. اسواءِ "سنڌ جي سڌن جي
هندي وائي" جو مؤل جائو ۾ اهو ٿي ديوڏيه
شرما صاحب هو ۽ ڪجهه ذخيرو شري اوڪهند راجپال
"سنڌو" واري وٽ هو. اسن فقط اهي ۾ جٿا ٿي

هاڻ تيڪي سنڌون هندو آهن ۽ ٻ. ا الي وري الله کي الڳو ڪيو ويو آهي. "اوڏو آه الله، ڪوتيسر (ڪوتيشور) جي ڪنڊ ۾"

ايمان ڇڏي هٿي ۽ ڪير ٻڌائي ته الله جو هٿي ٻول ڪو چيندو! ا! ۽ مڙني تهي ته نهي واري ڪاره ڪران جي ا تبليغ.

هي اٿي ايمت سر رامڪلي ۾ مان آهن. انگيٺو هي سر رامڪلي ڀارت جي اوله واري خطي ۾ سنڌ، ڪڇ، پنجاب ۾ خاص مشهور هو. جو ته قديم زماني ۾ جڏهين سنڌي ۽ پنجابي، اسلامي ظلمن ڪري ديس ڇڏي اوله ڏانهن ۽ ويا جتي ڪين "جوسي" چيو ويندو آهي ۽ انهن ۾ ۽ سنڌي آهن جيڪي پاڻ کي "سنڌي" سڏائيندا آهن، جن ۾ ڪي اُوري (لاڙي) ۽ سڏيا آهن، ان ۾ راڳ جو ڏاڍو شوق هو-آهي، خاص ڪري راڳ رامڪلي جنهن جو اچار الي "رام ڪلي" ليندو آهي. ۽ روپ کي 'واوان' الهن سنڌ ان جي ڏان آهي جيڪا هن سنڌي سرلدي جي طرز ۾ اُمار ڪئي ۽ هاڻ ته ۽ روپ ڇا ڏليا ۽ جو اهو مشهور ساز اڪجهي ليو آهي.

سو اهڙي طرح ته سو- ڳولهيو ته اهڙا ڪٿن ايمت ملندا جن سان مسلمان مرڪن هٿ چڙهد ڪئي آهي.

اڙي سنڌي سائين! اها ۽ اوهان جي سنت ڪبير جي چيز آهي نه ڪ شاه جي. ڪبير چوي ٿو:

"لمڪ جن جاڻون ڪيمت هڻ، نه اڄ ارهم وڃاءِ
ڪيول ڪڪ سمجهائيا، آئم سائين سار وي".
[534/43]

مٿي شاه صاحب جي آيتون چوڻ جي معنيٰ اها ڪانهي نه اهي قرآن جون آيتون آهن. اهي نه ٻولي ۾ سان ملڻ-سمجهڻ جون چيزون آهن. ۽ اهو سڀ سنڌي-سائين ٻڌائڻ جي ڏيوڻ آهي، ٻوڙاو آهي، اثر آهي، ليڪن-دان آهي. سنڌي سنڌي انهن هڪڙي کي گرهڻ (هضم) ڪيو آهي. مٿي مون صفحي ١٠ تي هڪ دوهو ڏنو آهي، جيڪو هتي وري لکان ٿو:

٢٤٣- سنڌي ٻولي مڇي ملاءِ هون گل لاڳي روءِ
ڊريت ٻالڪ نه ڪولهي، مڇي، وڃو هٿ هوءِ.

هي دوهو "ٻولا مارو" جو آهي. جيڪو شاه صاحب هن طرح ڏنو آهي:

"سٽي خواب لڏوم، جان هيس هوت حضور ۾
ڪهڙيون ڪهمدي ٻول سين، اٿون لهڻ لڳوم،
جاڳي جان ڏٺوم، نه ٻاڻان ڦٽ فراق جو".
(ليلا چنيسر)

ساڳي چيز ميران ٻائي به چئي آهي:

ان هندي واڻي جا راڳا هئا. ٻولهند راڄال جي
ڏٺوري جو ۽ ڳاچانز فائدو ورتو. سو شري ديوديه
شرما جو هاڻ فقط هڪ ٻيت ڏيندس جيڪو هن
سندو رسالي ۾ اول - اول ڇپايو هو:

شاهه - "ڪيئن مانيندا من ۾ خودي ۽ خدا،
ان ٻوليان جاءِ ناهي هڪ ميان ۾."

ڪبير - ٻيا چاهي ٻرام رس، راڪا چاهي مان
اڪ ميان ۾ دو کڙک ديکا سنا نه ڪان".

ڏيان رهي ڪبير شاهه ڪان گهٽو اڳ جو آهي.

شري ديوديه شرما، ٻيڪس سورداس کي ۽ شاهه
۾ ڳولهي هٿ ڪيو هو جيڪو هندوا-ي ۾ ڇپيو هو.

سورداس - مس ڪوئي، ڪاڳد جل ٻيجو،
سر دو لاک هري
(ٻعدي مس ڪٽي واٽي، ڪاغذ ڳوڙهن جي ٻاڻي
سان ٻسي ويا)

شاهه - مس مڌهڙي هٿ ۾، ڪاغذ کي آڻين،
اڙڪ نه اکڙ ڏين، ڪر ٻون قلم لي".

[18/393] .

ڪن ڪئر ٻئي هندن کي شاهه صاحب جي هڪ
هيءُ اڪ هضم ني ڪالا ٻيندي آهي:

"جي او ٻيٽ ٻاڪيا - سي آٿون آهين".

شاهه — سورهه سو جاڻي، جو رڳو ٿي رڙ ڪري.
(سر ڪيڏارو)

ساهي — ڏيئو ڏيهان هرنام، ڪرمڪ چوري مک ري
پالو پاڻهن پاڙيست سان، انهيءَ ڏاس انعام
چڙهي واڻو اڏمت ٿي، ڪري اڀيڊ آرام
سيڪو ڪري سلام، ساهي چئي شيوڪ ٿي

شاهه — ساري رات سبحان جاڳي جن ياد ڪيو
اهي عبداللطيف چئي، مٿي لڏو مان
ڪوڙان ڪن سلام، اڳهه اڇو ان جي
(سر سريراڳ)

هيءَ ڪا چوري ڪانهي جنهن اڄڪلهه ليکڪ ڌاران ٻولين جون چيزون چوري ڪري پاڻ لاءِ ۽ نمولا ادبي اڳي ٿي ڪارنهن ٿو ٻيندا آهن، نه، هيءَ فقط سڌن جي مٽ ۽ ڀاوڻان جي سماڻا (هڪجهڙائي) آهي جيڪا سڀني لاءِ عالمگير هوندي آهي. ٻيءَ طرح هي چوري نه پر سچائي ڳرهڻ (حاصل) ڪرڻ ۽ اپنائڻ (عمل ۾ آڻڻ) برابر آهي، جا ڳالهه مذهبن ۾ مرڪز ڪانه ليندي آهي. جو نه مذهب نه انسان کي هڪٻئي کان ڌار ۽ دشمن بڻائڻ جو ڪارڪو وسيلو آهن. هي نه ڪي سڌسي، فقير آهن جن جو ڪو مذهب ڪونه هوندو آهي، سي انسان کي هڪٻئي سان ملائيندا ۽ متر بڻائيندا آهن.

۱- ان ڪري ميرا صاحب سنڌي ٻوليءَ ملڪ ۾ ڪانون
سنڌي ۾ هو درس ڏيندا هون - انهن جا ٽيو جامع
ساڳي ڳالهه ڪبير به چوندو:

ڪبير سنڌي هر ملڪ، سو ڪان ليا جگاء
آنک ۾ موچن ڏوراڻ، سندا هوئي جاه

هڪ ٻيو دوهو آهي:

۲۴۷- جڏ جاڳون اٿ اڪيلي، جب سوئون تب ايل
شاهه ڪريم صاحب چوندو:

آهل سڀڪو رڳ، سڀڪي ڪام وسهي
سڀڪي هيڻا ڪٿي، جان جاڳان تان تاه تاران.

شاهه صاحب چوي ٿو:

سڀڪي الهه سڀڪو، ڪٿي ۾ خاصو
وڏا مهڙهن ملڪ ۾، ٿيو ٿو ٿو تماشو
چوڙان جان ٿاسو، ٽاڪسو ڙاڳيرن ۾ (مارئي)

پروفيسر ڪليان آڏواڻي ۽ شاهه ۽ سامي جي
مثنوي جا ڪيترائي مثال ڏنا آهن:

سامي — ٿڌڪ جنهن پاڻڪي ڏسي منجھ منجهي
سامي رنگ رچي، سطح سمجهاڻ جي

شاهه — ٿڌڪن ٿيا ڪيو، مڙڻا منجهي منج
ٻسي لهيس ۾ ليڪا، اسڙا منجهي سنج

سامي — سورا سي چڱين، جي جهوليڻ تا ميدان ۾

٧٦ دوها درج ٿيل هئا. اُن مان، دوهن جي هيٺين لکڻ منهنجو خاص ڌيان ڇڪايو:

١- آڀا ڊونگر، پون گهٽي، آڀا گهٽا پلاس

٢- پدمڻي! ايڪ سدڀاڳڻ، اڳ ٻولڻ ماڻهاء

٣- ٻاڀي! ايڪ سدڀاڳڻ ٻاڻم کٿا جاءِ

٤- سچي او! دل واليان، سڄڻ کي هار گل

انهن لکڻ ڏي ڌيان ڏيڻ کري ڇڪيم جو، ڀٽائي شاهه عبداللطيف جون هيٺيون مصرعون اچي ياد پيون:

١- آڏا ڏونگر اکيون، سوڙهيون سڄڻ سيل

٢- پانڌي! پارايو، ڏجاڻ ٻاڻي ٻول کي

٣- ڏجاڻ ٻاڻي! ٻول کي سڌهو سان

٤- سچي او! دل واليان سڄڻ کي گل هار

......سڄڻ سان جي کوشش جو نتيجو هي ڪتاب آهي "ٻولا- مارو".

ها، اِن ٻولي جي شعر جي سڄي پاورتا منهنجي ٻولي ۾ نقل ڪري ڏيکاري نه ٿي سگهي آهي. اُردو ۽ سنڌي شاعري ۾ ٻي انهن وڏن- وڏن شاعرن- کوان جي هڪجهڙائي آهي. اگر انهن مان ڪٿي ٻي آڏي- انهي اڪ ڪٿي نه، ڇو ته سگهجي ٿو نه، "اوهين سڀ چور آهيو" يا ٻي طرح. اثر ۾ نه انهن هڪجهڙائي ڪٿي/اڪثري آهي.

مون چوڻ اهو ٿي چاهيو ته شاهه جي ڪلام جو ڪيترو حصو اڻ ڇاپو ڪلامن جو سڄو سڄون اڳل، ٿو چئو، هڪ سٽ به ٻيو هو اهو ڏنو ويو آهي، جيئن مٿي لکيو اٿم. خاص ڪري عمر مارئي واري لوڪ ڪٿا جيڪا راجستاني لوڪ ڪهاڻي "ڍولا مارو را دوها" مان ڪئي آهي ۽ رسالي ۾ ڍول مارئي نالي ڏنل آهي. پر شري هوتچند گربخشاڻي ان کي اڌ زورآوري ڪري رد ڪيو آهي. ان باري ۾ به شري پرسرام گلراجاڻي جيان پروفيسر جهمٽمل ڀاوچند ٻاولاڻيءَ سنڌي مصنف ڪري هڪ ڪتاب ڇاپيو هو. هن اهو ڪتاب جو لکيو، ان جو ڪارڻ ڄاڻائيندي لکيو:

"اٽڪل سنه سال ٿيا (١٩٤٩ع ڌاري) هڪ ڏينهن البوڙ جي لوهاڻي رستي تان لنگهندي فوٽ پاٿ تي هڪ ڪتب فروش جا جهونا هندي ڪتاب پکڙيل ڏٺم. هونءَ ته لنگهي وڃان ها پر منهنجي نظر وڃي هڪ ڇاپيڙيءَ تي پيئي جنهن جو نالو هو "ڍولا مارو". شاهه جي رسالي ۾ درج ڪيل سر ڍول مارئي اچي ياد پيم، سو اهو وٺيس ۽ ان آن ۾ اها ڇاپيڙي خريد ڪري گهر کڻي آيس. منجهس ٽڪا ڪا ڪهاڻي ۽ نه وري ڪو مهاڳ ئي هو، دوها

هئا، جهڙو سندن ”گُر منتر“ هو. [24/459]

١٩٦٨-٦٧ع ڌاري شري اولچند راجپال جي مشهور رسالي سنڌو ۾ سمالوچنا آلوچنا (تبصرو) جو ڪالم لکندي مون ”ڪريم جو ڪلام“ نالي ڪتاب تي سمالوچنا ڪئي هئي، جنهن جو ليکڪ (مرتب ڪندڙ) هو ناول نويس عبدالمجيد ميمڻ. مون لکيو هو:

”ڪتاب ۾ ان هنڌ صفحي ٢٢ ۽ ١١٢ تي شاهه عبدالڪريم جي زندگيءَ ۾ احمدآباد جو ذڪر اچي ٿو. صفحي ١١٢ تي آهي: ”فرمايائون ته هڪ ڏينهن احمدآباد جي شهر ۾، جو گجرات ۾ آهي، هڪ (هندو) فقير ڏٺم. دل گهريو ٿي ته مون سان الله جي وات جون ڳالهيون ڪري، پر ڪجهه به نه ڳالهايائين. ڪيترو وقت ماٺ ڪيو ويٺو رهيو، آخر هي ائين ٻڌايائون“.

”سو اهو فقير خاص احمدآباد ۾ ڪونه هو پر احمدآباد جي ڀرواريءَ ۾ هو. اتي ته احمدآباد تي ان نالي سان هڪ ڳوٺ هو. اهو فقير اصل هڪ ويٺو (هندو) سادو هو جنهن جي صحبت ۾ شاهه ڪريم رهيو هو. ان صحبت سندس جيون تي گهرو اثر وڌو ۽ ڪيس اونڪار جو گر- منتر به ڏنو هو. ان تي ئي شاهه ڪريم صاحب جو هي ايمان مشهور آهي:

مان سنڌ جي سڀني سڄڻن کي وري به اپيل ڪندس ته هي مٿي ڄاڻايل چارئي ڪتاب اهي وري (Reprint) ڇپائين. ڪين گهٽ ڪجهه ملندو ۽ شاهه تي کوج ڪرڻ ۾ سڀني وڏي رهبري ڪندا. باقي مان ته شاهه جي رسالي کي هندو سنياسين جي ڏيڻ نه ٿو مڃيان، جيئن ته اسلامي دخل آهي ته صوفياڻي. صوفي سڌانت ته فقط موحد ڪان اچڻ جي هڪ پيال هئي، ته ته شاهه صاحب ته انهن تي ساڻن جي گهمڻ ۾ ڪاڙهي ساڌن ۽ جوڳين جي سنگ ۾ جيڪي ڪجهه حاصل ڪيو، فقط اهو ئي درج ڪيو اٿس. اهي نه هندو راڳ - راڳڻيون، اهائي ان زماني جي هندي - سنڌي ٻولي ۽ هندو ساڌن جا سنسڪار اڪي رهيا آهن.

هتي ٻڌهندڙن مان ڪن کي اعتراض ته نيندو ته شاهه لطيف جو "اوم" سان ڪهڙو واسطو؟ ٻڌ جي هجي ته؟

تنهن جي ڏهاڪي جي ڳالهه آهي. ٻاڙ ڪشتي موهن سين جيڪو فلسفي جو مشهور ڄاڻو هو تنهن ڪلڪتا يونيورسٽيءَ ۾ "مڪرجي ليڪچرس" جي سلسلي ۾ "وچين دور جي ڀڳتي لهر" تي تقريرون ڏنيون هيون، ان ۾ ٻاڻ هڪ هنڌ شاهه ڪريم ۽ لطيف لاءِ چيو هو ته هو "اونڪار" جو جاپ ڪندا

ٻولي ۾، پڪيل پاڙ سان ڇڳي ويو. ۾ म رکيو من
۾، अ الف ان جي اڳيان لکي اوم جو جواب ڪيو،
جنهن ۾ لکيو ڇورجي، لڙهيو لکيو لڙهيو. شاهه صاحب
ڏاڍي نزاڪت ۽ نفيس سوچ سان سڄو جو سڄو ا
ڇڏيو ۽ "هندوان جا ڪافر" ۽ ختم ڪري ڇڏيو. شري
گرانٿصاحب ان جو ارٿ اهڙو غلط ۽ گمراهه ڪيو آهي
جو سوچيندي حيرت لڳي ٿي سندس ڌاڙي جي
محدوديت تي. جنهن ڪان ۽ ارٿ ٿي ۽ لکي ها ۽
ٿيندو هو، ڇو ۽ جيڪا معني ٻاٻا لکي آهي سا خود
اسلام جي اصل اثر آهي. ٻيو ڪنهن مسلمان ۽ ان
معني تي اعتراض ڪيو ۽ ورتو، جو هنن ڏنو ۽ هندو
ٻاٻا ٿي 'ڪفر' ٿو ٻولي ۽ اسان جو روڪيو ٿيس؟
گرانٿصاحب ۾ جي معني ڪئي آهي محمد ۽ الف
جي الله. جڏهن هر مسلمان پيغمبر محمد جو نالو
الله سان گڏ طرح جوڙي ڪلمو ٿو پڙهي ۽ ان
نالي جو من ۾ رکڻ جو مطلب؟ وري اشلوڪ ۲۹ ۾
چوي ٿو:

اکر پڙهه الف (اوم) جو، ورق سڀ وسار
اندر تون اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

هتي ميم جو ذڪر ٿي ڪيو ۽ ٿو ڪري. وري
اشلوڪ ۲۰ ۾ چوي ٿو:

"هيڪو جو اکر ونگڙو جو گرنسي ڏي
اندازي گهر دلال مڙ جوت ڪري."

اهو اکر "ونگڙو" اوم (ॐ) ئي آهي، جنهن جو اپديش ان ونگڙو سمت شاهه ڪريم کي گرو-منتر طور ڪيو هو. ٿي سگهي ٿو ان ئي وضع جو ڪو اثر ڪلام شاهه ڪريم صاحب جو جاڙي اچي ظاهر ڪيو ويو هجي، ڪيئن ته اهو وشواس سان چئي سگهجي ٿو ته "ڪريم جو ڪلام اڻپورو آهي".

اڳيئن اهو اوم (اوڪار) ته گرو-منتر اڪ-جهڙ ۾ خانداني طرح قائم رهيو ۽ شاهه عبداللطيف تائين ان ورثي ۾ موجود هجي. پر ته هن ٽن سالن جي گمنامي ۾ ڪيئي جي هندو سادن جي سنگ مان ئي مليو هجي. مگر منهنجو وشواس آهي ته اهو شاهه ڪريم کان ورثي ۾ ملندو آيو هو جيئن ڪ ڊاڪٽر ڀاڳو ڪشني موهن سين بيان ڪيو آهي، جنهن جو ذڪر شاهه صاحب پنهنجي ڪلام ۾ ڪيو آهي. سر يمن ڪلياڻ، داستان پهرين، ابيات ٢٨ ڏسو:

"پڙهيو پڙهيا سبق انهي سر جو
هيڪر ڪجانو من ۾، الف انهن اگيانو
چتان چور پڄانو، اهي لامح لطيف چئي".

ڪي هندو سمت هجي ها ته سڌو سنئون اوم
اکي وڃي ها. مگر مسلمان سمت هئڻ ڪري لڪيل

ڪئي هئائين جنهن جهڙي هن ڏکئي وقت ۾ ڪنهن
سنڌيءَ ڪا نه ڪئي ۽ ان ڪري ئي شايد شاهه جي
رسالي جون معنائون اڄ به "ڳجهه، ڳجهاندڙ ڳالهڙيون"
آهن جو اڪثر سمجهڻ ۾ ڪو نه ٿيون اچن. شاهه
صاحب کي هر طرف کان صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ
وارو هڪ به ڄاڻو (ماهر) نه ٿيو، نه آهي، نه ٿي
ٿيندو. جن اهڙي اوري ڪوشش ڪئي آهي، تن
ڪلام کي ٺوري طرح نه سمجهڻ ڪري اڪثر تڪا
هنيا آهن ۽ معنائون غلط ڪيون آهن. شاهه لطيف
کي سمجهڻ لاءِ هڪ اهڙو هندو گهرجي جيڪو
(موجود) هندو ڌرم جي سڀني جاڻ رکندڙ هجي ۽
ساڳي اسلام ۽ سنسڪرت ساهت جي ... ۽ اهڙو سنڌي هندو
شايد خواب ۾ [illegible] ۾ اچي. هڪ مسلمان اهڙو هجي
جيڪو اسلام جي نه جاڻ رکندڙ هجي ٻر پارسي جي
هندو سنسڪرت ساهت جي گهري جاڻ رکندڙ هجي ۽
اهڙو مسلمان ملڻ جو تصور به ڪري نٿو سگهجي.
انڪري، مذهبن جي علمي محدوديت جو ڏنڊو اڄ
جي اهڙي انسان کي جنم ڏئي به نٿو سگهي. ان
ڪري ان سڀ کي ڇڏي شري دوديت شرما
جهڙي ڪجهه لکيو آهي سو هرو ڀرو سڀ شڪ پا
صحيح راهه نه ڪاڻهي، مگر هڪ ڪوشش جڳهاسو
ضرور آهي ۽ ڪنهن حد تائين شاهه کي ڪجهه.

سنت نه ساڌن، الف جهڙن جي اڳ ۾
ناحق اڇارن، ٻيا پيا ٻارن ٻٽ.

مان سمجهان ٿو هن بيت ۾ ته ٻاٽ اوم جو ذڪر بلڪل صاف ۽ خلاصو ڪري ڇڏيو اٿس. ذرا بيت جي معنيٰ کي گهرائي سان ته سمجهو. هتي به هيٺ جي ضرورت ڪانه پيئي، ڇو؟ ڇو ته هڪ ئي ضروري لفظ آهي. محمد ۽ الله. هڪ لفظ ڪو اهي. فقط اوم ئي هڪ لفظ آهي ان ڪري اهو ئي اکر ٻڌو الف (اوم) جو، ٻيا ورق سڀ وسار. ورق ڪهڙا ۽ ڇا ڇا وساري: ڪهڙي ڪتاب جا؟ مسلمان اهو برداشت ڪندا؟ ان ڪري صاف ظاهر آهي ته هي م جي اڳيان ا رکڻ سان اهو سڌو سنئون فقط اوم آهي.

خاص ڳالهه ئي ته ٻان ٿيو. ڇو ٻٽو ميم رک من ۾ الف ته هن اڳيان. هيٺ من ۾ رکڻ جو مطلب؟ ڇا ڪاڻ ته اوم ڇوڻ مهل الف ته اڳيان نڪري ايندو ٻر ميم ڇوڻ سان وات بند ٿي اهو اندر من ۾ هليو ويندو. هاڻ اوم + م ڇئي ڏسو = اوم!!

هاڻ اچو ته شاهه صاحب جي رهسيه واد کي ڏسون جهڙي خواه مخواه صوفي مت ڇيو وڃي ٿو. شري ڊاڪٽر ڪنداران شرما ٦٠-٧٠ جي ڏهاڪن ۾ هندواسي هفتيوار (ابڳي) ۾ ڪجهه ليک شاهه عبداللطيف تي لکيا هئا. ڇگي ڇوکي مدست

شاهه صاحب جون ڳجهارتون! (هندواسي
ڏياري نمبر، ١٩٥٦ع)- شاهه صاحب کي ڳجهارتون
به لکيون آهن. انهن ڳجهارتن لکڻ لاءِ "چوواسي سٽ"
۽ "الف بيتي" مشهور آهن. هڪ مت مان پيدا ٿيل
وجريان ذاتي هڪ فرقو اهڙو به ٿيو هو، جي ناٽڪ
ساڌن تي زور ڏيندا هئا. انهن جو زور وڌي اسلام
ناٿين ليو ۽ انهن وري لبت طرف سپ کان گهڻو
پرچار ليو. ڏهين صدي ۾ سندن وڏو اثر هو. انهن
وجريانين جا وڏا مرڪز (وشو وديالي) هئا نالندا
۽ وڪرم شلا، جي ناهه اختيار خلجي ناس ڪراني
ڇڏيا (۽ هندن جو ناس ڪيو)، انهيءَ ڪري مدبهائن
ڪنتراني ابيت ۽ لعال طرف هليا ويا. اهي
لوڪ - پولي ۾ ڳجهارتون لکي، لوڪن کي حيران
ڪندا هوا (چو ڙ هڻاني شوءَ - شيطان). انهن جو هڪ
لمواو ڏسو:

سرهپاد — جيونتهه جونٿه، جره سو اجر اءِ هوه".
شاهه — مرتا اڳي جي مئا، سي موئي تن نه ماٺ".

انهن وجريانين جي انهن "الف بالسين" ڪري
پاڪ ۾ ڏاپو اڇار قهلجي ويو ۽ "وام مارگ"
۾ ڪليو ڪلااو وپچار ۽ شراب وغيره جو پرچار ڪيو
ويو. مگر ناٿ پنت ۾ جڏهين گورک ناٿ پيدا ٿيو
تڏهين هن وڏو سڌارو آندو ۽ پنهنجو پرچار واجبو ناٿا

سمجهڻ ۽ پيش ڪرڻ جي وات ضرور ڏيکاري ٿو.
مان هي سڀ سندس ئي ليکن تان ان ڪري ڏيئي
رهيو آهيان جو مسلمان شاهه لطيف کي هڪ مسلمان
صوفي شاعر ڪري مڃيو آهي ۽ هندن شاهه صاحب
کي فقط صوفي شاعر ڪري مڃيو آهي. جڏهن ڪ
شري ڪرپلاڻي کيس هڪ مسلمان ڪري مڃيو آهي،
جي نيٺ مڃتائون غلط آهن ان ڪري اچو ته شري
ديودت شرما کي ڏسون (ڏسڻ ۾ سندن جا لفظ
آهن). هن صاحب هندواسي (١٦-١-٥٥) ۾ لکيو:

"هندستان جي شاعرن ۾ ٿورا ئي ڪوي ڪبير
صاحب جهڙو جنهن رهسيه واد تي شعر لکيو. رهسيه
يا راز جي معنيٰ آهي گپت يا صورت پڌا (هي
رهسيه واد خود گمراهه ٿيل اڪواس آهي جنهن کي
اڄڪلهه فلاسوفي چيو وڃي ٿو).

"جيو آتما جو برهم ڏانهن لاڙو! انسان اک
(اي علمي جي دور ۾) ڏٺي پنهن جي چوڌاري
نهاريو. هن ڏٺو، اي - الله قدرت جو پسارو، هيٺ
سرسبز زمين، مٿي نيلو آڪاش، کيس پاڪر ۾ پکي
اڏامن ٿا ۽ انهن جي پيرن ۾ ڇوليون هڻندڙ سمنڊ،
ساگر جي گود ۾ سمائجندڙ نهرن سان لڏندڙن -
لمندڙ ندين، سورج ديوتا جون تيز ڪرڻون، چنڊ
جي چانڊاڻ، صبح - شام، اس - ڇانوَ، وسندڙ مينهن،

ماڻس لاءِ آهي ته: جو ٻارش ٻج ۾ ٻاپ روپي ٻسو نہ کي گيان (علم) روپي ٻرار سان ماري ٿو ۽ ٻاڻ کي ارهم ۾ لين ڪري ٿو سو ئي ماڻس خور آهي.

شاهہ — ساهي ڪاهي ٻرانہ لاءِ، ڪسي آيا ڪباب جهڙو ڏسن ڏوهہ کي، اهڙو ان ڏواب".

مڇي — سرار ۾ جيڪي اٺ ۽ ٻڌڪلا ناڙ ٻون آهن ان کي جوڳين جي ٻولي ۾ گنگا ۽ جمنا ڪوٺين. انهن ۾ وهندڙ ساهہ ۽ ٻساهہ ٻه مڇيون آهن. انهن کي ٻاڻندڙ کي مڇي کائيندڙ چيو ويو آهي.

مدرا — ستسنگ ۽ اوڙ سنگ مان اوري سنگت کي ٻيا ڳچ ڪرڻ ئي مدرا آهي (وچن لنڪر).

مٿن — (جماع) هن جي معني آهي ان جو ميلاپ. جوڳي جو مهسو سان.

(حقيقت ۾ هي ڳجهون معناؤن وڳو عام ڪسي گمراهہ ڪرڻ لاءِ هيون ته ته اهي سب اڳرا ڪم عملي طرح ڪندا هئا اصل شيطان کي ته شهہ ڏاڻ وارا، ۽ هندو انهن کي ته مچيندا هئا، عام طرح ته).

جهڙي راس مٿين الڻن وچن جي معني جيئن ٻرالي اهي، ايئن شاهہ صاحب به جيڪي ڳجهارتون ٻاريا ابيت لکيا آهن ان جي معني به ٻرالي آهي. جو ڳ. انسيت ڪبير چوٿو:

"ا ڪهت چاق اي لگر نهتي، ٻاٽ چلي ٿو ٿولي".

۽ پنجاب ۾ ڪيو جنهن جو اثر سنڌ اندر به پهتو ۽ خود شاهه صاحب سواءِ گورکنات جي ابن ڪن ٻ ٻاٻن با سنڌ جو ناٿ پنهنجي پاٽي (ڪلام) ۾ ڪونه آندو آهي:

"اسلامان اڳي هئي، سا سڃاڻون پانگ
سامي ڇڏي سانگ، گڏيا گورکنات کي".

(شاهه - سر رامڪلي، ٧)

پنجاب جي لوڪ جي ٻولن ۾ "پالانات" جو نيلو مشهور آهي، جنهن جو واسطو گورکنات سان ڇيو وڃي ٿو. هنن ۾ پنج ارتن جو ڳجهو ارث هي ڇيو وڃي ٿو.

— مدرا (شراب)، هي پهريون شراب نه آهي الڪ اندر جيڪو امرت رهي ٿو ان کي پهنجو شخص شرابي سڏجي ٿو. شاهه صاحب اهڙي شراب کي "مهيسر مدر" ڪري ڪوٺيو آهي، چاڪاڻ ته (هنن جو) شو ڀڳوان، جوڳين جو گرو آهي ان ڪري ان کي مهيشور (مهيسر) جي نالي سڏيو ويو. شاهه چوي ٿو:

"جي الهئي سڏ سرڪ ۾ نه ونئن ڪلاڪي ڪوءِ،
مهيسر جي مدر جي هت هڏهين هوءِ،
جان رمز ٻارو ڙام روءِ، ان سر وقت سرڪي سڃڻي".

ڪبير چوي ٿو:

"پارم امت اڏاري مهري - سو الکري ڳهر ميرا".

ڪهڙو عجيب اسرار آهي. سندس واڻي اَن اي - انت، اي - انت لکي وئي:

ڪٿي نينهن خمار مان، جان ڪنڊين ناز نظر،
سوز شاهون جهڪيون، ڪو ماڻو لهر،
تارا ڪئين تاب ليا، دهڪندي دلبر،
جهڪو ايو جوهر، جالب جي جمال سين!

(صوفي مت ۾ آهي ڪا هيڙي الڳ خيالي؟)

وحدت واد جو اهو ئي راز آهي ته ٻاراهي اها ٻاونجا وڻي انهيءَ اپتري ئي ٻڌل ڪري ٿو ته جيو ۽ اوهم ڪڏهين ب هڪٻئي کان جدا نه هئا. هي رڳو مايا جو پڙدو آهي، اهو آواز قديم آهي، ان ڪري ئي شاهه صاحب چيو آهي:

"اسلام اڳي هئي، سا سڄاڻون ٻانگ"

(ڪاٿ جا چيز آهي ئي اسلام کان اڳ، سا اسلامي ۽ صوفياڻي ڪيئن ٿي؟)

"وحدت واد جي آخري منزل هندو ساڌنا موجب آهي "ماڌو ٻاوا"، جنهن ۾ ساڌنا ڪندڙ ٻاٽ کي ٻوڙا جي اسٽري ۽ ٻوڙو کي ٻئي جي روپ ۾ قبول ڪري ٿو. ان سان ڪبل ٿو ڪيل ۽ ايسين الڳ ۾ آرام ڪونه ٿو اچيس، جيسين ٻوٽم سان هڪ ٿي سيج اي سمهي آرام نٿو ڪري. ڪبير چوڻو:

شاهه — جهنگل هليا سي نه پليا، راهه هليا ڦرجن".
ٻئي هنڌ چوي ٿو:

"ڪهوريءَ ۾ پير، ڪنهن پاڻ پيرائين،
اڀُرءِ سنڌو پير، ڪوڙن منجهان ڪو لهي".

هنن ٻجهارتن کي سمجهڻ لاءِ جوڳي نه پر هٿ جوڳي (وڏي ابوقي) جي ضرورت آهي. البت "ڪن ڦٽا" جوڳي کي ڇڳيون ڳالهيون قبول ڪن ٿا. (شراب ۾ هڪ ڦڙو زهر جو سموري شراب کي زهر آلائيندو تئين کي ڇڳيون ڳالهيون به شيطاني ڪاررواين سان گڏجي غلط ٿي ويندڙيون آهن. ان ڪري اهي سڀ فرقا واهيات طبقا آهن). شاهه صاحب انهن 'ڪن ڦٽن' جوڳين جو ذڪر ڪيو آهي:-

ڪن ڪنت، ڪا پٽ، ڪاٺڙي، ڪن و ٽيا، ڪن پيار،
هلن جي هنگلاج ڏي، پاڻ چڙي پار،
جي ڪين قبولهار، هلو اڪيا پسون ان جا".

"گورک پوٿي" ڪتاب ۾ ناون (هوا) جو واسو ڄاڻي (دن) چڪر آهي ۽ انجو آڌار "شوُنيه" (اڻاو، ڪجهه به نه، غير موجودگي) آهي. شاهه چوي ٿو:

"اڪر ڄاهي ڪلهي ڪري، هو نڊن جهٽن ۾ هوءِ"
پاــ"سهر ڪپاٽون سڄ جو، ڏوري ڏٺ لهي،
وڃا اٿ وهي، لت نهايت ناهه ڪا".

سندس وجود ۾ ڦٽڪو لڳو (هتي ڌيان رهي ته
آتما جو وجود فقط آريائن ۽ هندن ۾ مڃيو ويو آهي.
دنيا ۾ ڪٿي به ان جو وجود ڪونهي اسلام ۽ صوفين
جو روح - آتما ناهي). شاهه صاحب جو ڀاورن نسخو
آتما لاءِ آهي، پتوريا استري جو ستي (وفادار) تي
سيل نباهڻ جو:

"اي ستي پل سندرو، پرين پهڻو سين پاڙ
ڏاڏي نيڻ نهار تون ته ۾ ڏيرو ڏوسٽ جو."

اهڙو پرين نباهڻ ۾ آتما کي سواءِ پرماتما جي
ٻئي ڪنهن جي پيار نه ڪرڻي آهي. ڪبير صاحب
چوي ٿو:

"ڪبير پرتري تو اچو. سوئن - اهو ڏيکاري ڪنهن
جي هنس ٻولو ٿون اور سوڻون - تو ٻيل ولڳاتون ملس."

(پنڇي - هي پکيڙا سواءِ، مڃهجو تو سان ٿي
نپجڻن آهي، تو کي چڳي جي ٻئي ڪنهن سان ڪُٺي
ڳالهايان نه. موڻ کي ڪانڪ لڳندو). شاهه صاحب
چوي ٿو:

"ڪو ڏينهن آهين ڪوٽ ۾، توڻي هنڌ م لاهه.
ڪانگ! آهي ڪرهي، آڻ وڏائي آهه.
هنس ۾ پاڙج هيڪڙو، ٻانو جي پساهه.
ستي سيل نباهه، ماڻهو وهڻ پڳ هاري."

اک ۾ اک هُئي، سيج ۾ سونهن
لب لڳ ڪُٺو نينهن ري.

شاهه صاحب چئو:

پيل ۾ ڪٺي ٻانهڙي، ٻڙهه ۾ ڪٺي ٻالڪ
آئون ٻنڌڻو ڪانڌ، لوڪان لڪي لائيان.

ميران جنهن وقت ٻنهن جي پريتم سان ملي ٿي انهن وقت دليا جي ساري ساڃهه وڃائي چوٿي:
”اوهه جهرمت مان مليو سانورو، ڪول ملي ٿي ڪالي“.

جي ميران سانوري گرڌر (ڪرشن) سان لڳي ٿي ملي ٿي ته شاهه ان ٻنهي جو ٻالپڻو آهي، چئي:
”جنڊون ڇڏي ٻاڙ - سڀ نڪيون لڪو“.

مگر اهي منزل تي پهچڻ لاءِ گهٽي ٿي وڃارڻون منزلون لتاڙڻيون پون ٿيون ۽ اهي لاهه مڪيه سو گهر جي ۽ ”پريم جي پيڙ“، ڏکن جون سدائون.

مهادوي ورما چوٿي:
”اهم ڪو پيڙا ۾ پيو الدا، اهم ۾ پيڙا لڳي پيڙا“
۽ شاهه فرمائيو:
”صدا وڃي سوز جي، اڱڻ ڪوهياري،
پرم پيڙا ۾، پريتم مدجهان پيڙا.“

(شوڪتي مهادوي ورما ۽ شاهه جو رسالو ڪو ته پڙهيو آ، پوءِ ڪيئن ”پيڙا“ (سوز) جي سمائتا هٿي اچي ڪڙڪي؟). جيو (آتما) پرم ڪان جدا ٿي

پون (पवन) من کي طاقت بخشي ٿو جنهن جو واسو اهي هوندي ۾؛ ڪبير چوڻو:

"اٿي پون چڪر ڪٽ وڃاءِ، سن سرت لڳ لاڳي
اهو نه مرڻ مري نه جيوڻ ٿاهه ڪوچ وڃائي".

شاهه — "اڪ اٿي ڏار، واهه اٿو عام سين".

پا — "جو ڀاورو لوڪ وهي، پون اوچو وه اوپار
مدڄهان لوچ ڀاوَ، ٻار پنيرو پرانڻ ڏي".

ساڌڪ کي جوڳ ۾ هڪ ڳنڍ جوڙڻ سان گڏجي هڪ ٻي به ڳنڍ جوڙڻي آهي.

شاهه چوڻو:

"ماڻڪ مڏ هٿان، پٿيءَ ۾ جوڙا پيو،
سچو ناهه سڀ چوي، ٻهي اڪ سوا،
پکي پتاڻان، ٻڌ ماڻ پري پيو".

يعني: جيئن رو ٻاي ماڻڪ جو سوار رو ٻاي پٿيءَ ۾ آهي، سو جيستائين سچو آهي ٻيئين ڏائين ان جو ماهه اڪ سوا آهي، مگر جڏهن اهو جيو رو ٻاي ماڻڪ مڏ هٿان نڪري ٿي ٿو ٻڌ هين ان جي قيمت ٻڌ مٿان ڪان به مٿي آهي.

ٽيڪا (تفسير) — (مطلب اهو ته) جهڙي طرح وشنو ڀڳوان جي هوندي وٽ ڪوستڀ مڻي آهي ٻهڙيءَ ريت جيو (انسان) وٽ به جيت مڻي آهي

اُهو سچ جي سڀني ٻانهن لاءِ آهي، ڪي ڪنهن ٻولي لاءِ جاڳو ٿئي ۽ نه ڪنهن وٽ جون ونڊون ٿيندڙون ٿو ڏس ٿيون:

چڙهيو چڪاسڻ چاهه، آڳ ارادي آيا
وهن وارڙيءَ قل مٽن، مصبتي مچ لاءِ
آڻي ٻاٽ ٻاڙاءِ، ڪٽي ڪوري وچم.

جي ٻنڌڪن وانگر ٻاٽ کي آڪر اچلين ٿا ۽ سوران وانگر ڪين زهر ٻيٽ کان ٻه آر ڪالهي. شاهه چوي ٿو:

"عاشق زهر ٻياڪ، وهه ڏسي وسن گهڻو
ڪڙي ۽ قاتل جا، هميشه هيراڪ
اکين لڌو لطف چکي، فدا ڪيا فراق
ٻوڙي چڪين چاڪ، ٻه ٻه آهه، ٻه سلن عام سڻن."

ٻيجي مارڪ ۽ صوفين م سروواد دنيا جي علم کان مٿي اُٿي ٿو. ٻراٽ، قرآن، ۽ ڪتابن جي علم کي وساري، جسد ڪٽ ٻو ٿمر جو ٻدار ڪن ٿا. جيئن شاهه چوي ٿو:

"مٽهن محراب ٻرانهه جو، جامع سڀ جهان
قڙهيو ڏاڻ فرقان جي، ڪاڻيانون قرآن
اڏامي اڀو وري، عقل ۽ عرفان
سڀ ٿي سڄان، ڪنڌانهن ڪري اُٿيان."

وسارڻو آهي، اهنڪار (غرور) جا وسيلا وسارڻا آهن.
شاهه چوي ٿو:

"پاڻ نه ڪڍج پاڻ سين، رکي وسهي وچ
پيئو پيڙي وچ، اکين کي عشق ۾".

سماڌي ۾ پهرين ڏاڍيان ڪان هڻي اندران ڏاڍيان ڏي مائل ليٽو آهي. اهو ئي پڪو آهي:

شاهه — "هو جي ڪن ڪمار جا، سوڙو سي نه سڄين،
اندر جي آهين، سڄ سچهو اُن سين".

الوقت سالڪ جي واٽي ڏيل، اکين ڏيل، ڪن ڏيل، اها آهي سماڌي جي حقيقت:

"واٽي وڃيم شال، ڪين سين ڪيم سڄاڻ،
پلو ٿئيم پال، نه اکين سين الڻو لهان".

ڪبير چوي ٿو:

"آنک، ڪان، مک موندڪي، نام نراجن ليه،
اندر ڪا پٽ تب کلئي، جب پاهر ڪا پٽ ڏيه".

شاهه صاحب ان ئي ڳالهه کي وڌيڪ چٽو ڪندي چوي ٿو:-

"پاڻ پڙڏو پاڻکي، طالب سڄج اون،
اڪا هان نه هون، پردا سڀ پاسي ٿيا"

ڪبير— "سمرڻ سرت لڳائڪي - مک ٿي
ڪڇو نه بول،
ٻاهر کي پٽ ڏيڪي - اندر کي
پٽ کول".

جڏهن ته هن دنيا جي اوٽاڻن کي پار ڪري مڪمل
ڪرڻ جي ۽ سمرٿي آهي. جيئن ۽ برهم کي ملائڻ جو
مکيه ساڌن آهي چت، چت جي ستائن هن سنسار
جي وديا جاڻي ٿو ليڪن هن جي قيمت لک سوا
آهي، مگر جڏهن وديا (علم) سان اوديا (اي علمي)
کي پاس ڪري ٿو تڏهن ان چت روپي ماڻڪ جي
ڪا ڪٿ ٿي نٿي ڪري سگهجي."

(هاڻ هيٺيون ڪجهه ڳالهيون توهان کي ڪڏهن
صوفي مت ۾ نظر آيون آهن؟ اِي نه علم (وديا) جو
دخل آهي ٿي ڪو نه. صوفي ۽ سنت اوهان کي
اڪثر اڻپڙهيل (اي - علم) نظر ايندا. انهيون اولياون
واهون پڙهائي عام جون واهون اتال ڪري کين گمراهه
ڪندا آهن ۽ ان ني گمراهي کي زور وٺائڻ لاءِ
ڪرامت جهڙي ڪفر جو سهارو وٺندا آهن. چو نه
ڪرامت ئي اڻپڙهيل (اي - علمي) جو مکيه هٿيار
آهي ۽ اهو ئي ڪارڻ آهي جو شاهه جا اڪثر ابيات
(امام گهڻا ابيات) سمجهڻ ۾ ني ڪو نه آيا آهن جو
اهي صوفيانا نه آهن. ڪرامت جهڙي ڪفر کان ڪورا
آهن، ۽ شايد سمجهڻ ۾ ايندا ئي ڪو نه. چو نه ان لاءِ
خاص لياقت - علميت جي ضرورت آهي. اعلمدان ۽
دلمدان جو ڪم ناهي).

"جوڳ ۾ سماڌيءَ جو دخل آهي، جڏهن ته سب

يعني - جنهن مان سڄو ٻاءُ سوريءَ تي چاڙهيندس، تنهن تي پنهنجي پرائم کي ملنديس. شاهه صاحب جي ايمت جي پوري ڪبير جي هن دوهي مان لڌي ٿي:

"سڀان کي چاڙن سنڌي ديٿا - پتر وياهل ماتا،
داهن لمب چوڪ انڌاري - ٿوئي پد پرڪاسا".

معني - پت پنهنجي ماءُ سان شادي ڪئي آهي، ڏال کي گهر جو چاهو چوڪو ان جي حوالي آهي، ان واسطي ٿي ٿوئي پرڪاش پد کي حاصل ڪيو اٿس.

هتي ڏال مايا جو روپ آهي، ماءُ اهو پر برهم آهي جنهن جي گود ۾ پنهنجي ٿوئي (انڌوڪ) پرڪاش پد کي حاصل ڪرڻو آهي ۽ پاءُ آهي ڪيل ڪمن جو سنسڪار (ساٿي). مايا (دنيا) جو لياڳ، ڪري ٻاهوءَ جي شرط وٺي چست جي وڃڻ مان پيدا ٿيل سنسڪارن (اٿون) کي ناس ڪرڻو آهي. من کي ابهاس (رياض) ۽ ويراڳ سان ٿي روڪي سگهجي ٿو. ان لاءِ دائما جتن ڪرڻو آهي:

"جي پاڻيهن جوڳي ٿيان، ته من ٻاوري مڇڻ مار
دائما دوئيهن دل ۾، من سڀن مالها وار
سڀ سهڪا آر - آڳيا جي ادب سان".

(يعني - هن مارڪ (راهه) ۾ ابهاس وڙاي دوئيهن دل ۾ پاڙي آهي، ۽ من سان مالها جهڙي آهي. ان

(ميرا ٻائي ۽ ٻڌهن جي وچڻا ۾ "اندر جي ٻٽ
(ٻڙدو) ڪول" جو ذڪر ڪيو آهي)

ڀڳتي مارگ ۾ سنڌي واسداڻن جو ٻهاڳيءَ ڪرڻو
آهي. "مون کي علم آهي" اهو موه ۽ ڇڏڻو آهي:

"الا ڏاهي ۾ ٻيان، ڏاهيون ني ڏک ڏسن،
مون ستين مون ٻوڙان، ٻوڙاڻي ۾ ٻال ڪيا".

هن درجي تي ٻهچندي سڀ ٻشور (خالق) کي
ارپڻ ڪرڻو آهي، ۽ ۽ من ذري - ذري تي انسان کي
ڪيرائيندو رهندو:

"جي ٻانهين جوڙي ليان (۽ ڪ صوفي ليان!
۽ ٽرڪ طمع کي ڪر
ويهي وهم وجود جا، خاصي ڏٻان ڏر،
۽ ڪنهن ٻهچين ٻر، ليڪين لاهوت ۾".

سنت کي ٻڪاڪر ليٺ جي حالت ۾ - دائيوي
ماٻا موه ۽ جار - جنجال کي ڪاٽڻو آهي:

"سامي (صوفي جو ۽؟) چئجي ان کي، جو
ڪهي سڄو ٻاڻ،
ڏني طلاق جوه کي، سڀهي وت ماڻ،
الهر الي آڻ، ۽ سچو سامي لون لئين".

ڪبير چوٿو: "سڪو ٻاٻا تي سؤلي چڙهون،
اب هوء هڙن ٻئون ٻاروو".

”چوڻ ڏاڍا چال، ٻ ۽ لاهوتي لڳهي ويا.
[22/54]

(بون شري ڏيوڊس صاحب جي ٻولي ۾ کي رواجي قبر- کهڙو سان اهال رکيو آهي ان کري جو سيد س ليکن ۾ هندو فيلسوفي جو ڀاڱي سوال آهي ۽ غلط هندو متو ڻي آهي جنهن ۾ آتمڪ (روحاني) راز سوال - سمجهاڻ - سلجهاڻ آهن. مذهبن ۾ آتميت کان ٻيهدي آهي ته ٻي صوفين ۾ روحانيت، آتميت ناهي. اتي آتما جو وجود ئي کوڙ سمجهيو ويو آهي ۽ روح، آتما ناهي. جيکي آهي سو روح وارا ۽ سمجهائي کوڙ سگهيا آهن ته ٻي سمجهائي سگهندا. چوڻ آتميت جو ٻاهرين آدرش آهي انسانيت ۽ شانتي. ساڻ - سڌ ٻلي غلط نموني ٻي سمجهڻن مگر مول هوندو شانتي ۾ جو سڌ ٻش (ان جو پيغام) آهي، سو ته الڪل عملي طور. ان جو انواد (ترجمو) اي ٻولي ۾ ڏ روپ ۾ ڏيڻ ڏ مشڪل آهي. وري ته ٻاڻ ڏيارڻ ڪول ڏنگين ۾ ماڻ ٻو ڳالهاڻ. (هي مهندو ڪتاب ١٩٩٥ع جو ڇپيل آهي)

ڪبير- ٻولي ٻاڙهي جڳ موا- پنڊت ڀيا نه ڪوءِ
ايڪي اکر پيوڙڪا - پڙهئي سو پنڊت هوءِ

شاهه - اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار
اندر اون اجار، پنا پڙهندي ڪيترا

مالڪ وڏن مليل ڏک - سک (سهه، سهڪا آر) ادب سان هڪ ڪري سهڻا آهن.

وشيه - واسنائون جي ڏک جي جڙ آهن، ان ڪري انهن سڀ ۽ سک، ڏيندڙ سمجهي انهن تيئان ڏوڙي ٻاهر ڪي ناس ڪري رهيا آهيون. شاه صاحب ان لاءِ شڪا (انديشو) پيش ڪري ان جو جواب هن ڏنو آهي :-

”موتڪي مون ٻوڙيا، انهي وڏو ٻار ۾
اُپارئين چون، محتلت پالڊ پائيتين“.

پوءِ- سمهجي پرپتر (پرماتما) مون کي انهي هن سنسار روپي ساگر ۾ ڦٽو ڪيو آهي ۽ وري اهو ان حڪم ڪن ٿا ته جيئن ڪنول پاڻيءَ ۾ رهي ان کان ليارو رهي تو تيئن هن سنسار ساگر ۾ رهندي ان پلئه ته پسائج. جنهن لاءِ چوڻو:

شاه — ”ڪوڙي ڪيچ ۾ ڪڏهين، ڦڪي پانڄ ٿالڳ
ساري سنياسين جيئن، لانگ رکيج لالڳ
ته چارئي چٽيء پاند، او سا ڳجهين اڪرا“.

پوءِ- هنن اندران جي سک کي ڦوڪي، جيان ڦڪو سمجهي (سنياسين والگر) ٻاهن جي لانگ لانق رکيج پوءِ اندران (نفسن) ٿي ٻاوڙو ضابطو رکيج ۽ اندران کي جيتيج، ته پوءِ ٻار ٻولڻ، ۽ من کي اهڙو ڦاٿو ڪر جو:

ڪبير- ٻڌسي سڀ سمنڊ کي - ڇنڊ ايڪ اڪيلا

شاهه- جر ۾ سڀوئي جيئن، آهي انهن آسري

ڪبير- پاڻي مانهين گهر ڪري - سو ٻي مري پياس

پاڻي اندر مين پياسي - موهين سني سني
آوي هاسي

شاهه- پاڻيءَ منجهي جهوپڙا، مورک اڄ مرن

ساهان اوڏو سپرين، لوچي لان نه لهن

دم نه سڃاڻن، ڏانهون ڪن ملن جيان.

ڪبير- سڀ رگ تانت رباب تن - بيرهه بجاوي نيت

شاهه- رڳون تنون رباب، وڄن وال هر ڪنهن.

ڪبير- سهسي چندا اوگوي - ڀانو ڪوٽي هزار

شاهه- سهسين سج اڀري - چوراسي چنڊن

ڪبير صاحب پڻ هيئن چيو آهي :

'ڪوٽن ڀانو اڌ ۾ جو هوئي

ايتي ان چندر لکوئي

(يعني - ڪروڙان سج اڀرن ۽ اڻتراني چنڊ اڀرن)

۽ پڻ هيئن وري "چوراسي لک چانڊ" به لکيو آهي

جيئن شاهه "سهسين سج اڀرن چوراسي چنڊن"
چيو آهي.

(وڌيڪ وستار لاءِ ڏسو مول ڪتاب سنت ساگر)

ॐ

● سڀن شيطانن سگهي هڻي نه
وٺي ڪان سگهي، اس جي امن
سگهي ٿو، ليڪن جهڙو ئي منش
انڌڪ اچي ٿو ان کي شيطانن
اڳهي ٿو. ٿو ان ٿوري ٿوري
ڳالهه ۾ ائترو ته ٿڪي ٿو وڃن
جو پورسان واپس ڪري نه سگهو
ساڙهان. ٿو ان ته انسان آهين،
ٿوڪي اهو مناسب ڪرا آهي.

ॐ

रजि. नं जी. ए. एम. सी. १२६४
Regd. No. G.A.M.C. 1294
आर्य वीर मासिक सिंधी

प्रति,
Kamala Bakhtiani
E/119, Nakhrelar
O.U.I.C. Colony

अखिल भारतीय सिंधी आर्य सभा के लिए हरिलाल गुरदासमल, आर्यसमाज सैजपुरबोघा-३८२३४५ कर्णावती के द्वारा सम्पादित एवं प्रकाशित तथा एम० एम० प्रिन्टर्स, ५५ मेघ बंगार, कुबेरनगर, कर्णावती-३८२३४० द्वारा मुद्रित.
दि० १-२-९८ को प्रकाशित